

کليل خط

# ايم ڊي سيڊا طرفان آبادگار تنظيمن ڏانهن

موضوع: سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس پٽاندر ادارتي سڌارن هيٺ آبادگار تنظيمن جا قاعدا ۽ ذميواريون

جيئن ته اوهان کي خبر آهي ته ايريا واٽر بورڊن ۽ آبادگار تنظيمن جي ساٿ سان سيڊا جا ادارتي سڌارا پنهنجيءَ پوريءَ توانائيءَ، افاديت ۽ سوڇيل ۽ تصور ڪيل ڏڳ تي عملي طور هلي رهيا آهن. نئي ادارا گڏيل ساٿ ۽ سهڪار سان سنڌ ۾ واٽر مئنيجمينٽ سسٽم کي ترقي ڏيئي رهيا آهن. سيڊا ۽ ان سان لاڳاپيل ادارا شراڪتي بنيادن تي ڪم ڪري رهيا آهن. اسين سڀ آبپاشي سڌارن ۾ ڪاميابيون ۽ اهم ڪم ان نموني سرانجام ڏئي سگهون ٿا، جنهن انداز ۾ اهي تصور ڪيا ويا آهن. پر ان لاءِ اهو تمام ضروري آهي، ته اسين قانون ۽ ضابطن هيٺ پنهنجيون ذميواريون سهڻي ۽ صاف انداز ۾ نڀايون.

آئون آبادگار تنظيمن جي آبپاشي ۽ ڪاري پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي ۾ ادارتي سڌارن جي سلسلي ۾ اڳڀرائي ۽ ڪاميابيءَ کي جس پيش ڪريان ٿو ۽ اطمينان جو اظهار ڪريان ٿو. تنهن هوندي به هيءَ نه وسارڻ گهرجي ته اسان جي منزل اڃا اڳيري آهي، جنهن ڏانهن سفر ۾ اسان اعتماد پريون ۽ پرعزم شروعاتي وکون کنيون آهن ۽ منزلن تائين رسڻ لاءِ اسان کي هڪٻئي جي ساٿ، سهاري ۽ آٿت جي ضرورت آهي. اوهان کي چڱيءَ ريت خبر آهي ته سيڊا مختلف منصوبن تحت شاخن جي بحاليءَ ۽ بهتريءَ جي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ان کان سواءِ آبادگارن جي هن منصوبي ۾ ڀرپور ۽ متحرڪ ڪردار جي لاءِ اڃا وڌيڪ ڪوششون ورتيون پيون وڃن. اوهان اهو به ڄاڻو ٿا ته آبادگارن سان گڏجي کهڙيءَ ريت اهي ڪم ڪيا ويا آهن. وڏي ڳالهه ته هاڻي 60 لک رپين جي لاڳت تائين شاخن جي بحاليءَ ۽ ترقيءَ جا سمورا ڪم آبادگار تنظيمون پاڻ عمل ۾ آڻيندين.

سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس پٽاندر آبادگار تنظيمن جون جيڪي ذميواريون ڄاڻايون ويون آهن، اهي هيٺ ڏجن ٿيون.

✪✪✪ آبپاشي نظام جا اهي حصا جيڪي ان کي حوالي ڪيا ويا آهن. انهن کي هلائڻ ۽ سنڀالڻ ۽ ان کي يقيني بنائڻ، ته جيئن پڇڙيءَ وارن ۽ ننڍن آبادگارن کي برابري ۽ انصاف سان پاڻي جي ورهاست ٿئي ۽ غير زرعي مقصدن لاءِ پاڻي فراهم ڪيو وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ گهربل پيئڻ جو پاڻي يقيني طور ڏنو ويندو.

✪✪✪ سم واري پاڻيءَ ۽ ڪاري پاڻيءَ جي نظام جا حصا جيڪي توهان جي حوالي ڪيا ويا آهن. انهن کي هلائڻ ۽ سنڀالڻ.

✪✪✪ پنهنجين حدن ۾ ٻوڏ جو بچاءُ ڪرڻ ۽ ان لاءِ موجود ڍانچي جي سار سنڀالڻ لهڻ.

✪✪✪ پنهنجي ڪردار ۽ ڪم جي حوالي سان مقامي ڪائونسلن کي حڪمت عملي ۽ عارضي عمل وارن معاملن تي صلاح مشورا ڏيڻ.

✪✪✪ آبادگار تنظيم پنهنجي ميمبر تنظيمن ۽ واٽر ڪورس ايسوسيئيشن ۽(ڊبليو سي او) ۽ ڊرينيج بينيفشري گروپ ۽ (ڊي بي جي) کي جيترو ٿي سگهندو ، وڌائيندي ۽ سهوليتون ڏيندي.

✪✪✪ جيترو ٿي سگهندو، اها ۽واٽر ڪورس ايسوسيئيشن ۽ (ڊبليو سي اي) ۽ ۽ڊرينينج بينيفشري گروپ ۽ (ڊي بي جي) ڏانهن پنهنجا ڪم منتقل ڪندي ۽ انهن جي فيصلن ۽ صلاحن تي عمل ڪندي (سيڊا جلد ئي ڊرينيج بينيفشري گروپ جوڙيندي ۽ اوهان کي ان بابت آگاهه ڪيو ويندو)

✪✪✪ هڪ سال جي ڪاروباري رٿا جوڙڻ ۽ ايندڙ پنجن مالي سالن دوران پنهنجين سرگرمين لاءِ تجويزون تيار ڪرڻ

✪✪✪ جنرل باڊي طرفان منظور ڪيل اهڙن ڪمن جي رٿابندي ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرائڻ جن جومقصد آبپاشي پاڻي جي ورهاست، پاڻي جي نيڪال واري نظام هلائڻ ۽ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ آهي. ان ڪم لاءِ ڪنسلٽنٽ، صلاحڪار ۽ ملازم اجرت تي حاصل ڪرڻ يا انهن جي تقرري ڪرڻ،جيئن ضروري سمجهيو وڃي، يا ڪنهن طرح انهن کان اهڙن شرطن شروطن تي ڪم وٺڻ جيڪي طئي ٿيل آهن.

✪✪✪ طئي ٿيل شرطن شروطن تي هنگامي نوعيت وارا ڪم ڪرائڻ ۽ انهن جي تعميل ڪرڻ.

مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي، جيڪڏهن اوهين سڌارن جي مقصد کي محسوس ڪندي ۽ انهن کي پنهنجائيندي انهن ۾ اڃا به وڌيڪ ڌيان ۽ دلچسپي کان ڪم وٺو ۽ هن نظام کي پوريءَ طرح فعال ۽ پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ آبياني جي اوڳاڙيءَ کي سڌاريو ۽ ان سلسلي ۾ گهربل سنجيدگي، دلجمعي ۽ مستقل مزاجيءَ جو مظاهرو ڪريو.

آخر ۾ آئون هڪ دفعو ٻيهر اوهان کي گذارش ڪندس ته پڇڙيءَ تائين پاڻي پهچائڻ کي يقيني بنايو وڃي ۽ آبياني کي مڪمل طور گڏ ڪرڻ جو سعيو ڪيو وڃي.

آئون اوهان سان، مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾، اوهان جي هر جائز ڪم ۽ مسئلي ۾ گڏ آهيان ۽ اوهان سان ڀرپور سهڪار ڪرڻ جو پختو ارادو رکان ٿو.

مهرباني

اوهان جو خير انديش

**محمد هاشم لغاري**

مئنيجنگ ڊائريڪٽر

سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج

اٿارٽي (سيڊا)

حيدرآباد

# جهڏي ۾ آبادگار عورتن جو ڪنوينشن

اها اسان جي تمنا آهي ته اهي عورتون جن کي زمين آهي، اهي زرعي سڌارن واري پروگرام ۾ وڏي جوش جذبي سان اڳتي اچن ته جيئن انهن کي هن پروگرام کي پنهنجائڻ ۾ ڪابه هٻڪ محسوس نه ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن آهي ائين ڪنديون ته اهي پنهنجي زمينن جي آباديءَ لاءِ پاڻيءَ کان محروم ٿي وينديون. اسين عورت زميندار چاهيون ٿا ته ائين جيئن مرد زميندار انهيءَ پروگرام مان فائدو وٺي رهيا آهن ته عورت کي به وٺڻ گهرجي. آئون توهان کي اها ڳالهه ڪندي سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان ته 1745ع عورت زميندارن مان روينيو جي رڪارڊ مان 812 عورتن کي واٽر ڪورس ايسوسيئيشن جو ميمبر ٺاهيو ويو آهي. 14 عورت آبادگارن عورتن جا مختلف گروپ مختلف فيلڊ اسٽيشنن تي ٺاهيا ويا آهن. اسين عورت زميندار کي ايف او ۾ نه صرف خزانچي، سيڪريٽري بلڪ ايف او ۽ چيئرمين طور آفيس بيئرر ڪيو ويندو. اهي لفظ جناب محمد هاشم لغاري سيڊا جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڳوٺ احمد خان ڪوسي جهڏو جي پرسان پنهنجي صدارتي تقرير ۾ مخاطب ٿيندي چيا.

انهيءَ ڪنوينشن ۾ عورت زميندارن ۽ آبادگارن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ڪيترن ئي عورتن آبپاشي نظام ۽ پاڻيءَ جي مئنيجمينٽ متعلق پنهنجا ويچار ونڊيا. جنهن ۾ فرزانه خالد، نبي سر مائينر، پنڄاٽي باريچي مائنر، زيب النساءِ ڪوسو، باگي مائنر، مهناز ڪوسو، بگي مائنر، راحيلا چوڌري پان مائينر، زيب النساءِ سوشل آرگنائيزر سيڊا شامل هيون. شڪيلا لغاري جينڊر اسپيشلسٽ سيڊا تعارفي تقرير ڪئي. جڏهن ته بختاور لغاري اناؤنسمينٽ جون ذميواريون نڀايون.

ڪنوينشن جي اعزازي مهمانن جناب خادم ميمڻ، پي آءِ اي ڪنسلٽنٽ، ٽيم ليڊر، جناب نظير احمد ميمڻ، سوشل ڊولپمينٽ اسپيشلسٽ سيڊا، ڊاڪٽر رجب ميمڻ، ٽريننگ اسپيشلسٽ پي آءِ ڪنسلٽنٽ، ناميارو ڪهاڻيڪار حفيظ ڪنڀر، پير اڪبر بودلو چيئرمين ايف او بگي مائينر ۽ ٻين به پنهنجا ويچار ونڊيا.














# ماتلي ۾ IDMT تقريب

جڏهن اسان ڪجهه سال پهرين ايريا واٽر بورڊ ليفٽ بئنڪ ڪئنال ٺاهيو ته ڪجهه آبادگارن پاران راضپو نه ڏيکاريو ويو ۽ انهيءَ پروگرام يعني نظام ۾ آبپاشي سڌارن کي ڏکيائون پيش آيون. جيئن ته هيءَ هڪ نئون پروگرام هو ۽ آبادگار انهيءَ جي جان کان گهٻرائي رهيا هئا. ڇاڪاڻ ته اهي پراڻي نظام جا عادي هئا. تنهنڪري سندن رد عمل ڪافي فطري هو. پر وقت گذرڻ سان گڏوگڏ آبادگارن پاڻ کي انهيءَ ۾ سرگرم ڪيو ۽ سڌارن جو قُل به حاصل ڪيو. انهن کي اهو نظام فائديمند نظر آيو. گذريل ڀيري اسان بدين ۾ ليفٽ بئنڪ ايريا واٽر بورڊ جي 21 ايف اوز کي آبپاشي انتظاميا حوالي ڪئي. جڏهن ته هن وقت اسين هن موقعي تي 19 ايف اوز کي وري ليفٽ بئنڪ ايريا واٽر بورڊ جي ڪمانڊ ايريا ۾ آبپاشي اختيار ڏئي رهيا آهيون. انهيءَ جو مطلب ته آبپاشي سڌارن جو هيءُ نئون پروگرام قبول ڪيو ويو آهي. اها سيڊا جي ڪاميابي ناهي بلڪ اها انهن



آبادگارن جي ڪوشش آهي جن اسان سان هٿ هٿ ۾ ملائي انهيءَ پروگرام کي ڪامياب بنايو. آئون اميد ٿو ڪريان ته اهو سلسلو گڏيل تعاون ۽ سچائي واري ماحول ۾ هلندو رهندو ۽ اهو ڏينهن تمام ويجهو آهي جڏهن انهن سڌارن ذريعي مڪمل طور مضبوط ٿيندي جيڪي سيڊا متعارف ڪرايا آهن. اهي لفظ جناب محمد هاشم لغاري، مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيڊا، سيڊا ۽ ليفٽ بينڪ ڪئنال جي گڏيل سهڪار سان ڪرايل ورڪشاپ کي مخاطب ٿيندي چيا. جنهن جو موضوع پاڻيءَ جي ورڇ ۽ آبياني جي اوڳاڙي هو. جيڪو ماتلي ۾ 12 اپريل 2008 تي ڪرايو ويو. ورڪشاپ ۾ سيڊا ۽ ليفٽ بئنڪ جا آفيسر شريڪ ٿيا. جڏهن ته انهيءَ موقعي تي ليفٽ بئنڪ ايريا واٽر بورڊ سان لاڳاپيل آبادگار وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا.

انهيءَ ورڪشاپ کي جناب نظير احمد ميمڻ، سوشل ڊولپمينٽ اسپيشلسٽ سيڊا، ڄام منا خان ڊائريڪٽر ليفٽ بئنڪ ايريا واٽر بورڊ، علي شاهه، چيئرمين ايف او شيرواهه سمال مائينر، جناب الهبچايو سمون چيئرمين ايف او ڪڙيو واهه، جناب محمد نواز ميمڻ، ميمبر ليفٽ بئنڪ ڪئنال ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.







# تربيتون ۽ ٻيون سرگرميون

سيڊا جو سوشل ڊيولپمينٽ سيل آبادگارن مرد توڙي عورتن جي سهڪار سان آبپاشي سڌارن لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. هيءُ سيل آبادگار تنظيمون ناهي ٿو ۽ انهن کي مختلف تربيتون ڏيڻ وسيلي شاخن جي هر سطح تي آبپاشي انتظام کي هلائڻ جي لائق بنائي ٿو ۽ آبادگارن جي تنظيمي هڪجهڙائي (Uniform) ۽ ضابطو آڻڻ تي ڌيان ڏئي ٿو. هيءَ سيل پروگرام ۾ عورت جي شرڪت کي يقيني بنائي ٿو، ته جيئن پاڻي انتظام ۾ عورتن جي ڪردار کي اتساهي سگهجي. هيءُ شعبو سوشل ڊيولپمينٽ اسپيشلسٽ جي نگرانيءَ ۾ ڪم ڪري ٿو، ونس پنهنجون فيلڊ اسٽيشنون آهن، ورلڊ بئنڪ فنڊ سنڌ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ هيٺ ڪم ڪن ٿيون. هن سيل جي ٽيم کي سوشل موبلائيزيشن گروپ جو نالو ڏنو ويو آهي، جيڪا هڪ گروپ ليڊر، ٽريننگ ڪو آرڊينيٽرن، سوشل موبلائيزيشن آفيسرن ۽ فيلڊ اسٽينشن تي ٻڌل آهي. انهيءَ گروپ جا يونٽ ٽنهي ايريا واٽر بورڊن، نارا ڪئنال، گهوٽڪي فيڊر ڪئنال ۽ ليفٽ بئنڪ ڪئنال جي ڪمانڊ ايريا ۾ قائم ڪيا ويا آهن. جن ۾ ميرپورخاص، سانگهڙ، ڪوٽ غلام محمد ۽ عمرڪوٽ نارا ڪئنال جي حد ۾ ٽنڊو محمد خان ۽ بدين ليفٽ بئنڪ ڪئنال جي حد ۾ جڏهن ته گهوٽڪي، ميرپورماٿيلو، ڏهرڪي، گهوٽڪي فيڊر ڪئنال جي حد ۾ موجود آهن.

**سوشل ڊولپمينٽ سيل جا مقصد ۽ سرگرميون هيٺينءَ ريت آهن:**

اريگيشن ۽ ڊرينيج نظام ۾ لاڳو ڪيل آبپاشي سڌارن ۾ آبادگارن جي شرڪت کي هٿي ڏين.

ٽيڪنيڪل ۽ آپريشنل رخن ۾ قانون ۽ ٻين ماهرن ۽ عملدارن سان لهه وچڙ ۾ رهڻ.

اريگيشن ۽ ڊرينيج نظام ۾ متعارف ڪيل ادارتي سڌارن ۾ عورتن جي شرڪت لاءِ سهوليتون مهيا ڪرڻ.

پراجيڪٽ جي مقصدن، پاليسين ۽ پروگرامن جي آبادگارن ۽ ٻين ڀاڱي ڀائيوارن تائين درست ڄاڻ مهيا ڪرڻ.

ادارتي سڌارن بابت نيوز ليٽر ڇپائڻ ۽ ٻيو لاڳاپيل مواد ڇپائي پڌرو ڪرڻ.

موجوده آبادگار تنظيمن کي مدد مهيا ڪرڻ، پريس ڪانفرنسون، پريس بريفنگون، سيمينار ۽ ورڪشاپ وغيره منعقد ڪرائڻ.

پاڻي انتظام ۾ عورتن جي ڪردار کي وڌائڻ ۽ اڀارڻ.

نهيل /رجسٽر ٿيل آبادگار تنظيمن جي صلاحيتن جو تخمينو لڳائڻ ۽ آبپاشي انتظام حوالي ڪرڻ لاءِ سفارشون ڪرڻ.

**تربيتون ۽ صلاحيتون اجاگر ڪرڻ وارو عمل**

سوشل ڊيولپمينٽ سيل آبادگارن تنظيمن جي ميمبرن لاءِ مختلف تربيتن جو انتظام ڪري ٿو. انهيءَ ڏس ۾ 66 بنيادي تربيتون نين نهيل آبادگار تنظيمن کي ڏنيون ويون آهن، جڏهن ته 49 تربيتون اڳ ئي نهيل آبادگار تنظيمن کي ڪرايون ويون آهن،

## Activities & Progress of SDC

| S# | Activity | Total Target | Progress | % age |
|---|---|---|---|---|
| 1 | Basic Trainings | 100 | 66 | 66% |
| 2 | Specialized Trainings | 100 | 49 | 49% |
| 3 | Business Plans | 100 | 76 | 76% |
| 4 | Material Development (Training Modules) | 08 | 08 | 100% |
| 5 | Support to Consultants (Walkthrough surveys) | 100 | 100 | 100% |
| 6 | FO Registration | 100 | 66 | 66% |
| 7 | IDMT Agreements | 100 | 49 | 49% |
| 8 | Group Formation (Gender Mainstreaming) | -- | 26 | -- |
| 9 | Re-Election of FOs | 204 | 183 | 91% |
| 10 | Refresher Training | 200 | 363 | 182% |
| 11 | Conflict Resolution | 20 | 19 | 95% |
| 12 | FO to FO Exposure Visits | 50 | 03 | 06% |
| 13 | FO Assemblies at Sub-Division Level | 50 | 07 | 14% |

جن ۾ آبادگارن تنظيمن جي آبادگار ميمبرن ۽ اسٽاف 1076 انگ شرڪت ڪئي. جڏهن ته 363 ريفريشر تربيتن وسيلي 3593 آبادگار تنظيمن جي ميمبرن کي تيار ڪيو ويو آهي. وڌيڪ تفصيلن لاءِ ڏنل ٽيبل ڏسي سگهجي ٿي.

**آبادگار عورتن جا گروپ**

سوشل ڊيولپمينٽ سيل، پنهنجي عورتاڻي اسٽاف وسيلي ٽنهي ايريا واٽر بورڊن جي حدن ۾ آبادگار عورتن/عورت ڪاتيدارن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن، جنهن مان 1742 عورت ڪاتيدارن جي نشاندهي ٿي آهي، جن مان 847 عورتن کي آبادگار تنظيمن ۾ ميمبر بڻايو ويو آهي. جن مان 114 عورتون آبپاشي نظام ۾ سرگرم ۽ متحرڪ ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. هن وقت تائين آبادگار عورتن جا 16 گروپ تشڪيل ڏنا ويا آهن.

**آبادگار تنظيمن ۾ شرڪت**

هيءُ ڄاڻڻ تمام ضروري آهي، ته سيل جي سوشل موبلائيزيشن گروپ جي اسٽاف آبادگار عورتن جي آبادگار تنظيمن جي باڊين ۽ انتظامي بورڊ شرڪت جي سلسلي ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪيو آهي ۽ آبادگار عورتن کي آبادگار تنظيمن جي عهدن تي ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ سيفل مائينر، راوتياڻي مائينر ۽ ڊنڙو ون مائينر جا نالا اچي وڃن ٿا .







